مینڈک سوار بچھو ( سندھی)

# ڏيڏر سوار وڇون

## مصيبت جي فضيلت
۽
## 32 روحاني علاج




شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت حضرتِ علّامہ مولانا ابوبلال
محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفکر بيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

13 شوال المڪرم 1428هه


رسالي جو نالو: ڏيڍر سوار وڇون

ڇاپو پهريون: ربيع الثاني 1437هه، فروري 2016ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ، عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ، بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


### ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.


www.dawateislami.net

# ڏيڏر سوار وڇون

هي رسالو "مينڏڪ سُوار بِڇو" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرت علامہ مولانا ابو بِلال مُحَمّد الياس عَطار قَادري رَضَوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز**
**فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

**Tip1:** Click on any heading, it will send you to the required page.
**Tip2:** at inner pages, Click on the Name of the book to get back(here) to contents.

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| ڏيڍر سوار وچون | 1 | هر هڪ کي امتحان جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي | 19 |
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 | ڦٽين سان گوشت رهڙيو ويندو هيو | 20 |
| الله جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي | 3 | مصيبت لڪائڻ جي فضيلت | 21 |
| الله جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي | 4 | ڏاڙ جي سور جي سبب مان سمهي نہ سگهيس! (حڪايت) | 21 |
| جيڪڏهن ڏاڙيل اچي وڃي تہ.........؟ | 5 | گمشده کي گهرائڻ جي لاءِ 3 اعمال | 22 |
| جگر جي تبديلي (حڪايت) | 6 | گمشده انسان، گاڏي ۽ مال واپس ملندو | 23 |
| آزمائش جو مِينهن | 7 | حاجتون پوريون ٿيڻ جي لاءِ 3 اعمال | 23 |
| مون کي نابينا رهڻ منظور آهي | 8 | برف باري روڪڻ جي لاءِ | 24 |
| ڏکايل سيٺيءَ تڪليفون وساري ڇڏيندو | 9 | دشمن کان حفاظت جا 4 اوراد | 24 |
| ”ايمان“ جو لباس (حڪايت) | 10 | ٻيڙي (۽ هر طرح جي سواري) جي حفاظت جا ٻہ اوراد | 25 |
| ڪربلا وارن کان وڌيڪ مصيبت زده ڪير؟ | 11 | سفر ۾ آسانيءَ ۽ ڪاميابي جا ٻہ اعمال | 25 |
| روشن قبرون | 11 | شادي جي رڪاوٽ جا 3 روحاني علاج | 26 |
| ڪاش! اسان جا جسم قينچين سان ڪٽيا وڃن! | 12 | حادثن کان حفاظت وارو عمل | 26 |
| وحشي جانورن پيٽ ڦاڙي ڇڏيو هو (حِڪايت) | 13 | مقدمّہ کٽڻ جي لاءِ 2 اعمال | 27 |
| گپ ۾ لِتڙيل پار (حڪايت) | 13 | چلہ ڪشي ۾ ڏک/نقصان ڪاٿو هجي | 27 |
| ڪا پلائي ناهي | 15 | قيد کان آزاد ٿيڻ جا 2 اعمال | 27 |
| آفت ۽ راحت جي باري ۾ پُر حِڪمت رِوايت | 15 | کوهہ يا نديءَ جي پاڻي جي گهٽتائي جا روحاني علاج | 28 |
| آسائش تي خوش نہ ٿيو! | 16 | دڪان، مڪان، خاندان ۽ سامان جي حفاظت جا 5 اعمال | 28 |
| مصيبت جي عجيب حڪمت (حِڪايت) | 17 | مٿي جي سور کان منٽن ۾ ڇوٽڪارو | 29 |
| هٿون هٿ سزا | 18 | يورڪ ايسڊ کان علاج، موري ۽ ليمن سان | 29 |
| آخرت جي مصيبت کان دنيا جي مصيبت آسان آهي | 18 | شوگر، ڪوليسترول ۽ هائي بلڊ پريشر جو آسان علاج | 30 |
| اسان جي حق ۾ ڇا بهتر آهي، اسان کي معلوم ناهي | 19 | مختلف بيمارين ۽ پريشانين جو روحاني علاج | 30 |


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڏيڏر سوار وچون

شيطان لک سستيون ڏياري هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندو .

## دُرُود شريف جي فضيلت

پنهي جهانن جي سردار، سرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مَغفرت نشان آهي: ”مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ پل صراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي اسي (80) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهندو ان جي اسي (80) سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا.“ (الفردوس بماثور الخطاب، ج2 ص 408 حديث 3814)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سيِّدُنا يُوسُف بن حَسن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري آئون حضرت سيِّدُنا ذوالنُّون مِصرِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى سان گڏ ڪنهن تلاءَ جي ڪناري حاضر هئس. اوچتو اسان جي نظر هڪ تمام وڏي وڇونءَ تي پئي، ايتري ۾ هڪ وڏو ڏيڏر تلاءَ مان نڪتو! وڇون ان ڏيڏر تي سوار ٿي ويو! هاڻي ڏيڏر ترندو تلاءَ جي ٻئي ڪناري ڏانهن وڃڻ لڳو. هي منظر ڏسي اسان تيزيءَ سان تلاءَ جي ٻئي ڪناري پهتاسين، ڪناري تي پهچي

ڪري ڏيڏر وڇونءَ کي لاهي ڇڏيو، **وڇون** تيزيءَ سان هڪ طرف هليو ويو، اسان بہ ان جي تعاقب ۾ (يعني پٺيان پٺيان) روانا ٿياسين. ڪجھ پري وڃي اسان هڪ ڏيڇاريندڙ منظر ڏٺو، هڪ نوجوان نشي جي **حالت** ۾ بيهوش پيو هو، اوچتو هڪ خوفناڪ نانگ ڪٿان اچي نڪتو ۽ ان نوجوان جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويو ۽ نانگ جيئن ئي ان کي ڏنگڻ چاهيو، وڇونءَ ان نانگ تي حملو ڪري ڇڏيو ۽ اهڙو زهريلو ڏنگ هنيو جو خوفناڪ نانگ زهر جي اثر کان بي چين ٿي نوجوان جي جسم کان پَري هٽي ويو ۽ تڙپي تڙپي مري ويو، وڇونءَ تلاءَ جي ڪناري اچي انهيءَ **ڏيڏر** تي سوار ٿي ٻئي ڪناري ڏانهن روانو ٿي ويو. اهو نوجوان اجا تائين نشي ۾ بيهوش پيو هو. حضرت سيدنا ذو النون مصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی ان کي هيڏانهن هوڏانهن هِلايو تہ ان جون اکيون کُلي ويون، پاڻ فرمايائون: اي نوجوان! ڏس خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ ڪيئن تنهنجي جان بچائي آهي! ۽ ڏيڏر سوار وڇون ۽ **خوفناڪ نانگ** جي داستان ٻڌائي ۽ مئل نانگ ڏيکاريو.

نوجوان غفلت جي خواب مان جاڳي پيو، توبھ ڪيائين ۽ پنهنجي پياري پياري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم واري دربار ۾ عرض گذار ٿيو: ”**اي خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ! جڏهن پنهنجي نافرمان ٻانهن سان تنهنجي فضل ۽ احسان جو اهو شان آهي تہ فرمانبردار ٻانهن تي بارانِ رحمت جو ڇا عالم هوندو!“ راوي فرمائن ٿا:

ان کان پوءِ اهو نوجوان هڪ طرف هلڻ لڳو، تہ مون پڇيو: ”ڪيڏانهن جو ارادو آهي؟“ چوڻ لڳو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي مان (دنيا جي غفلتن کان پري رهي ڪري) جهنگ ۾ پنهنجي ربّ رَحمت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندس. (عيون الحكايات، ص 102، ملخصًا)

## اللّٰه جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! ڏيڏر سوار وڇون ڪيئن نشي ۾ ڌُت شرابي نوجوان کي **اللّٰه** ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان خوفناڪ نانگ جي **مصيبت** کان بچايو! يقينًا ربِّ رحمَت عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت کي سمجهڻ کان اسان قاصر آهيون، ان جي هر هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي، ڪنهن کي **مصيبت** ۾ مبتلا ڪرڻ ۾ حڪمت تہ ڪنهن کي بي طلب **مصيبت** کان بچائڻ ۾ حڪمت. ڪڏهن ڪڏهن ٻانهو **مصيبت** ۾ ڦاٿل هوندو آهي تہ بارگاهِ خداوندي ۾ جهڪندو ۽ ان جي عبادت جي طرف رخ ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جڏهن آيل **مصيبت** کان حفاظت ڪري احسان فرمائيندو آهي تہ نافرمان ٻانهو فرمانبردار ٿي ويندو آهي، جيئن تہ هن حڪايت **”ڏيڏر سوار وڇون“** مان ظاهر ٿيو.

گناہوں کا ہے صدور آہ! ہر گھڑی یا رب!
کر عفو ہائے! اَجَل سر پہ ہے کھڑی یا رب!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# اللّٰه جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**عيون الحڪايات**“ (حصو پهريون) جي صفحي 187 تي آهي: اللّٰه جو هڪ نيڪ ٻانهو ڪنهن جهنگ ۾ رهندو هو. ان وٽ هڪ مرغي، هڪ **گڏھ** ۽ هڪ ڪتو هو. **مرغي** صبح **نماز** جي لاءِ جاڳائيندي هئي، گڏھ تي اهو پاڻي ۽ ٻيون شيون ڪٽي ايندو هو ۽ ڪتو ان جي گهر ۽ سامان جي حفاظت ڪندو هو. هڪ ڏينهن مرغيءَ کي لومڙي کائي وئي، گهر جا ڀاتي ان نقصان تي پريشان ٿيا پر ان نيڪ شخص صبر ڪيو ۽ چيو: ”**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي.“ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ بگهڙ (Wolf) **گڏھ** کي چيري ڦاڙي ڇڏيو گهر وارا غمگين ٿيا پر ان نيڪ ٻانهي اهو ئي چيو: ”**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي“ ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ **ڪتو** بيمار ٿي مري ويو، ان تي بہ اهي ئي لفظ چيا: ”**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي.“ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هڪدم دشمن جهنگ جي ان ڳوٺ تي رات جي پهر ۾ حملو ڪيو ۽ جانورن جا آواز ٻڌي گهرن جو پتو لڳايو ۽ مال ۽ اسباب سميت سڀني گهر وارن کي قيدي بڻائي وٺي ويا. ان نيڪ شخص جي گهر ۾ ڪو جانور ئي نہ هيو جو آواز ڪڍي دشمن کي اونداهي ۾ ان جي گهر جو پتو ئي نہ پيو، ۽ اهڙي طرح اهو اوچتو اچڻ واري آفت

کان محفوظ رهيو ۽ ايئن صبر سان گڏوگڏ ان جو يقين بہ مضبوط ٿي ويو تہ ”**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي.“ (عيون الحڪايات، ص 121، ملخصًا) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪڏهن ڌاڙيل اچي وڃي تہ.........؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان سبق مليو تہ جڏهن بہ ڪا بيماري، پريشاني، بي روزگاري وغيره جي آزمائش اچي تہ اسان کي اهو ئي سمجهڻ ۽ چوڻ گهرجي تہ ”**اللّٰه جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي**“ چو تہ هر مصيبت کان وڏي مصيبت هوندي آهي. مثلاً گهر ۾ چوري ٿي وڃي تہ جيتوڻيڪ مالي نقصان ٿيو آهي پر اهو ئي چوڻ گهرجي: ”**اللّٰه جيڪو ڪندو آهي بهتر ڪندو آهي**“ چو تہ جيڪڏهن ڌاڙيل حملو ڪن ها تہ شايد مالي نقصان سان گڏوگڏ جاني نقصان بہ ٿي پوي!

هي بہ ذهن ۾ رهي تہ ڪجهہ وقت دنيا ۾ ملڻ واري نعمت بہ وڏي مصيبت جو سبب بڻجي ويندي آهي، مثلاً ڪنهن جو پنج ڪروڙن جو بانڊ (انعام) کليو! بظاهر هي خوشي چرپي ڪرڻ وارو معاملو آهي پر ان کي ڪهڙي خبر تہ ان جي حق ۾ هي نعمت آهي يا مصيبت؟ ان رقم جي ذريعي مسجد جي

تعميرات جي سعادت ملندي يا ان دولت جي سبب ڏاڙيلن جي ذريعي جان بہ هلي ويندي! ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ هي ڪروڙين روپيا عيش ۽ عشرت ۾ وسعت جي لاءِ آيا آهن يا انعام يافتہ جي لاءِ پنهنجي يا گهر جي اهم فرد جي بيماري جي علاج لاءِ آيا آهن! جي ها! ايئن ٿيڻ ممڪن آهي. هن باري ۾ هڪ سچي حڪايت پڙهو:

## جگر جي تبديلي (حڪايت)

**هڪ** دعوتِ اسلامي جي مبلغ جو بيان ڪجهه هن طرح آهي تہ منهنجي هڪ عزيز جنهن سڄي زندگي محنت ۽ مشقت ڪري ڪافي دنياوي مال جمع ڪيو ۽ هاڻي اهو هڪ فيڪٽري جو مالڪ آهي، ان کي ڊاڪٽرن علاج جي لاءِ جگر (LIVER) جي تبديلي جو مشورو ڏنو آهي جنهن تي تقريبًا 75 لک روپيا خرچ متوقع آهي. جنهن جي لاءِ اهو ويچارو سالن جي محنت سان قائم ڪيل فيڪٽري کپائڻ جي ترڪيب ٺاهي رهيو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن عبرتناڪ حڪايت تي غور فرمايو! جڏهن ان ڪم جي ابتداءَ ڪئي هوندي ۽ ڪاروبار ترقي جا درجا طئي ڪرڻ لڳو هوندو تہ ڪيتري خوشي حاصل ٿي هوندي! پر ان کي ڪهڙي خبر تہ هي لک پنهنجي جگر جي تبديلي جي لاءِ جمع ڪري رهيو آهيان. شرعي مسئلو ياد رکو تہ عضون جي تبديلي جائز ناهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے

کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تونے
جو آباد تھے وہ محل اب ہے سونے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آزمائشن جو مِينهن

**مصيبت زدو! همت نہ هاريو! مصيبتون** اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ڪرائي ڇڏينديون جيئن تہ حضرت سيدنا انس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، قرارِ قلب و سينہ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمايو: جڏهن اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **ڪنهن ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي تہ ان تي آزمائشن جو مينهن وسائيندو آهي پوءِ جڏهن اهو ٻانهو پنهنجي ربّ** عَزَّوَجَلَّ **کي سڏيندو آهي: "اي منهنجا رب** عَزَّوَجَلَّ**!" تہ اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **فرمائيندو آهي: "منهنجا ٻانها! تون جيڪو ڪجهہ مون کان گهرندين مان تو کي عطا فرمائيندس يا تہ جلد ئي تو کي ڏيئي ڇڏيندس يا هن کي تنهنجي آخرت جي لاءِ ذخيرو ڪري ڇڏيندس."**

(المرض والكفارت مع موسوعة ابن ابي دنيا، ج 4، ص 285، حديث 212)

**دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ڪيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال"**

جلد پهرين صفحو 525 تي آهي: حضرت مدائني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون جهنگ ۾ هڪ عورت کي ڏٺو ته گمان ڪيو ته شايد هي ڏاڍي خوشحال آهي، پر ان ٻڌايو: ”اها ڏکن ۽ پريشانين ۾ گهريل آهي، هڪ ڀيري ان جي مڙس هڪ ٻڪري ذبح ڪئي ته ان جي پُٽن مان هڪ پُٽ پنهنجي پيءُ کي اهڙي طرح ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان کي ذبح ڪري ڇڏيو پوءِ اهو گهٻرائجي جبل ڏانهن ڀڄڻ لڳو ۽ ٻگهڙ (Wolf) ان کي کائي ويو، ان جو پيءُ ان جي پٺيان ويو ۽ اُڃ جي سختي جي ڪري اهو به مري ويو.“ ته پاڻ ان کان پڇيو: توکي صبر ڪيئن آيو؟ ان جواب ڏنو: اها تڪليف ته هڪ زخم هو جيڪو پرجي ويو.

## مون کي نابينا رهڻ منظور آهي

حضرت سيدنا ابو البصير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَدِيْر (جيڪي هڪ نابينا هئا) فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حضرت سيدنا امام باقر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَادِر جن جي خدمت سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منهنجي چهري تي هٿ ڦيريو ته اکيون روشن ٿي ويون، جڏهن ٻيهر هٿ ڦيريو ته نابينا ٿي ويس. حضرت سيدنا امام باقر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَادِر جن مون کي فرمايو: توهان انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهه اختيار ڪرڻ چاهيو ٿا؟ (1) توهان جون اکيون روشن ٿي وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن توهان کان بينائي جي نعمت جو ۽ بين عملن جو حساب ورتو

وجي. (2) توهان نابينا ئي رهو ۽ بغير حساب ڪتاب جنّت ۾ داخل ٿيڻ نصيب ٿي وڃي؟ مون عرض ڪيو: جنّت ۾ بي حساب داخلا گهرجي. مون کي نابينا رهڻ منظور آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڏکايل سيئي تڪليفون وساري ڇڏيندو

منا منا اسلامي ڀائرو! آخرت جي مصيبتن جي سامهون دنياوي راحتن جي ڪا حقيقت ناهي، جهنّم جو صرف هڪ جهٽڪو سڄي عمر جي راحتن کي وساري ۽ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندو، اهڙي طرح آخري نعمتن جي سامهون دنياوي تڪليفن جي ڪا ﺑﮧ حيثيت ناهي، جنت جو صرف هڪ ڦيرو سڄي زندگي جي تڪليفن کي وساري ڇڏيندو ۽ ڏکايل ٻانهو پنهنجا سمورا ڏک وساري اهو ئي سمجهندو ته مون کي ڪا تڪليف پهتي ئي ناهي جيئن ته تاجدار مدينه، قرار قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باقرينه آهي: قيامت جي ڏينهن ان دوزخي کي گهرايو ويندو جنهن کي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ نعمتون مليون ۽ ان کي جهنم جو هڪ جهٽڪو ڏئي ڪري پڇيو ويندو: اي آدمي! ڇا تو ڪڏهن ڪا ڀلائي ڏٺي هئي؟ ڇا تو کي ڪڏهن ڪا نعمت ملي هئي؟ ته اهو چوندو: ”خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! نه“ پوءِ ان جنتي کي گهرايو ويندو جيڪو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ تڪليف ۾ رهيو ۽ ان کي جنت جو غوطو ڏياريو ويندو پوءِ ان کان پڇيو ويندو: اي انسان! ڇا تو ڪڏهن ڪا تڪليف ڏٺي

هئي؟ تو تي ڪڏهن ڪا سختي آئي هئي؟ تہ اهو چوندو: ”خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اي منهنجا رب! ڪڏهن بہ نہ، مون کي ڪڏهن بہ ڪا تڪليف نہ آئي هئي ۽ نہ ئي مون ڪڏهن ڪا سختي ڏٺي.“ (مسلم، ص 1508، حديث 2807)

## ”ايمان“ جولباس (حڪايت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ ڪا مصيبت اچي وڃي يا گهٽي عرصي تائين بيروزگاري يا بيماري دور نہ ٿئي يا مسئلا حل نہ ٿين، هر موقعي تي صرف صبر صبر ۽ صبر کان ڪم وٺڻ ۽ آخرت جو ثواب حاصل ڪرڻ گهرجي. حضرت سيِّدُنا دَاؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن بارگاهہ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رب! تنهنجي رضا کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو مصيبتن تي صبر ڪندو آهي ان پريشان انسان جو بدلو ڇا آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ان جو بدلو هي آهي تہ مان ان کي ايمان جو لباس پارائيندس ۽ ان کان ڪڏهن بہ (اهو لباس) نہ لاهيندس. (احياء العلوم، ج 4، ص 90)

الله ربُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پا سکتا
جو رنج و مصیبت سے دو چار نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪربلا وارن کان وڌيڪ مصيبت زده ڪير؟

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! پريشان حال کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهي ۽ پاڻ تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪندي دل ئي دل ۾ چوي تہ شهيدانِ و اسيرانِ ڪربلا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن تي جيڪي مصيبتون آيون هيون اهي يقيناً تو تي اچڻ واري مصيبتن کان ڪروڙين ڀيرا وڌيڪ هيون پرانهن کلندي کلندي برداشت ڪيون ۽ صبر ڪري قربِ الٰهي جا حقدار بڻيا. تون ڪٿي بي صبري ڪري آخرت جي سعادت کان محروم نہ ٿي وڃين. يقيناً يقيناً يقيناً دنياوي پريشانين، تنگدستين، بيمارين وغيره ۾ صبر ڪرڻ وارن جي لاءِ آخرت جون خوب خوب راحتون آهن.

## روشن قَبرون

ڪنهن بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن حضرت سيدنا حسن بن ذڪوان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن کي ان جي وفات کان هڪ سال پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ استفسار ڪيو (يعني پڇيو): ڪهڙيون قبرون زياده روشن آهن؟ فرمايائون: قُبُوۡرُ اَهۡلِ الۡمَصَائِبِ فِی الدُّنۡيَا يعني دنيا ۾ مصيبتن کي ڪٽڻ وارن جون. (تنبيه المغترين، ص 166)

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اها گهپ اونداهي قبر جنهن کي دنيا جو ڪوئي برقي بلب روشن نہ ٿو ڪري سگهي، اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اها مِٺي مِٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي

www.dawateislami.net

صدقي پريشان حالن جي لاءِ نور نور ٿي ڪري جڳمڳائڻ لڳندي.

خواب میں بھی ایسا اندھیرا کبھی د یکھا نہ تھا
جیسا ا ند ھیرا ہما ر ی قبر میں سر کار ہے

یا رسول اللہ! آکر قبر روشن کیجئے
ذات بے شک آپ کی تو منبعِ انوار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! اسان جا جسم قينچين سان ڪٽيا وڃن!

**جڏهن** ٻه مصيبت اچي صبر ڪري اجر جا حقدار بڻجو، **الله** تبارڪ و تعالٰي سيپاري 23 سورة الزمر جي آيت 10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿١٠﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** صبر وارن کي سندن ثواب ڀرپور ڏنو ويندو بغير حساب جي.

صدرُ الاَ فاضل حضرت علامہ مولانا محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي هن آيت جي تحت لکن ٿا: حضرت مولائي ڪائِنات، عَليُّ الْمُرتَضٰي، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن فرمايو ته: هر نيڪي واري جي نيڪين جو وزن ڪيو ويندو سواءِ صبر ڪرڻ وارن جي جو ته انهن کي بي انداز ۽ بي حساب ڏنو ويندو ۽ هي به مروي آهي ته **اصحابِ مصيبت و بلا** (يعني مصيبت زده ماڻهو) حاضر ڪيا ويندا، نه انهن جي لاءِ ميزان

(ساهمي) قائم ڪيو ويندو ۽ نہ انهن جي لاءِ دفتر (يعني نامہ اعمال) ڪوليو ويندو، ان تي اجر ۽ ثواب جي بي حساب بارش ٿيندي ايسيتائين جو دنيا ۾ عافيت جي زندگي گذارڻ وارا انهن کي ڏسي ڪري تمنا ڪندا تہ ڪاش! اهي اهل مصيبت وارن مان هجن ها ۽ انهن جا جسم قينچين سان ڪٽيا ويا هجن ها تہ اڄ هي صبر جو اجر حاصل ڪن ها.

(خزائن العرفان، ص 850)

## وحشي جانورن پيٽ ڦاڙي ڇڏيو هو (حِڪايت)

حضرت سيِّدُنا موسٰي ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو جي ويجهو کان گذريا جنهن جو پيٽ وحشي جانورن ڦاڙي گوشت کائي ويا هئا. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي سڃاڻي ويا، ان جي ويجهو بيهي رهيا ۽ دعا گهري: **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! هي ٻانهو تہ تنهنجو فرمانبردار هيو مان ان کي هن حالت ۾ ڇو ٿو ڏسان؟ **الله** عَزَّوَجَلَّ وحي فرمائي: ”اي موسٰي! هن مون کان اُهو مقام طلب ڪيو جنهن تي پنهنجي عملن جي ذريعي نہ پيو پهچي سگهي تنهنڪري مان هن کي ان مقام تائين پهچائڻ جي لاءِ **هن مصيبت** ۾ مبتلا ڪيو آهي.“

(تنبيه المغترين، ص 173)

## گپ ۾ لِٽڙيل ٻار (حڪايت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ رَبِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ دَرَجات جي بلندي جي لاءِ بہ نيڪ ٻانهن کي

امتحان ۾ مبتلا فرمائيندو آهي. بيشڪ **الله رَبُّ الْعِزَّت** عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي. البته هي ضروري ناهي ته صرف نيڪ ٻانهن ئي تي امتحان اچي، ڪڏهن ڪڏهن گنهگارن کي به مصيبتن ۾ مبتلا ڪري گناهن جي آلودگين کان پاڪ ڪيو ويندو آهي. جيئن ته مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان پنهنجي تقرير دل پذير ۾ فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا **بَايَزِيد بِسطَامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی ڪنهن جڳهه تان گذري رهيا هئا، ملاحظ فرمايائون، هڪ ٻار گپ ۾ ڪري پيو آهي ۽ ان جو بدن ۽ لباس گندگي ۾ ڀرجي ويا آهن. ماڻهوڏسندا گذرندا پيا وڃن، ڪير پرواهه به نه پيو ڪري. ڪجهه پري کان سندس ماءُ ڊڙندي آئي، ٻه ٿڦڙون ٻار کي هڻيون، ڪپڙا لاهي ڪري، ان کي غسل ڏنو. حضرت (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) جن هي ڏسي ڪري وجد ۾ اچي ويا ۽ فرمايو ته اهو ئي حال اسان جو ۽ **رحمتِ الٰهي** (عَزَّوَجَلَّ) جو آهي. اسان گناهن جي دلدل ۾ لٿڙجي ويندا آهيون، ڪنهن کي ڪهڙي پرواهه! پر **رحمتِ الٰهي** (عَزَّوَجَلَّ) جو دريا جوش ۾ ايندو آهي، اسان کي مصيبتن جي ذريعي دُرُست ڪيو ويندو آهي ۽ توبهه ۽ عبادتن جي پاڻي سان غسل ڏئي ڪري صاف فرمائيندو آهي. (معلم تقرير، ص 33)

جڏهن مهربان ماءُ ڪجهه سزا ڏئي (تنبيهه يعني خبردار) ڪري سگهي ٿي ته اسان جو خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ ان کان وڌيڪ مهربان آهي، ڪجهه وقت سزا ڏئي اصلاح فرمائيندو آهي.

ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ مؤمِنين ۽ مؤمِنات کي امتحانن ۾ مبتلا ڪري انهن جا سيّئآت (يعني گناهه) مٽائيندو ۽ درجات وڌائيندو آهي. تنهن ڪري جڏهن به **مصيبت** اچي ته پاره 20 سورةُ الْعَنْكَبُوت جي ٻئي آيتِ ڪريمه کي ذهن ۾ آڻيو:

اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْۤا اَنْ يَّقُوْلُوْۤا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ ﴿۲﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** ڇا ماڻهو هن گهمنڊ ۾ آهن جو ايتري ڳالهه تي ڇڏيا ويندا ته اسان ايمان آندو ۽ انهن جي آزمائش نه ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪا ٻلائي ناهي

**حضرت سيِّدُنا ضَحّاڪ** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الرَّزَّاق فرمائن ٿا: جيڪو هر چاليهه راتن ۾ هڪ ڀيرو به آفت يا فڪر ۽ پريشاني ۾ مبتلا نه هجي ان جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ وٽ ڪا ڀلائي ناهي.
(مكاشفةُ القلوب، ص. 15)

## آفت ۽ راحت جي باري ۾ پُر حِڪمت رِوايت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دنياوي آفت ۽ مصيبت مسلمان جي حَق ۾ اڪثر تمام وڏي **نعمت** هوندي آهي، جيئن ته **منقول** آهي: **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: جڏهن به ڪنهن ٻانهي تي رحم فرمائڻ چاهيندو آهيان ته ان جي برائي جو بدلو دنيا ۾ ئي ڏيندو آهيان. ڪڏهن بيماري سان، ڪڏهن گهر وارن تي مصيبت وجهي، ڪڏهن تنگيِ معاش (يعني تنگدستي) سان، پوءِ به جيڪڏهن ڪجهه بچندي آهي ته مرڻ وقت ان تي سختي ڪندو آهيان ايستائين جو جڏهن اهو مون سان ملاقات ڪندو

آهي تہ گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن تہ ان ڏينهن هو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو. ۽ مون کي پنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم تہ مان جنهن ٻانهي کي عذاب ڏيڻ جو ارادو رکندو آهيان. ان کي ان جي هر نيڪي جو بدلو دنيا ۾ ئي ڏيندو آهيان، ڪڏهن جسم کي صحت سان، ڪڏهن ڪُشاده روزي سان، ڪڏهن اَهل ۽ عيال جي خوشحالي سان، پوءِ بہ (نيڪين جو بدلو ڏيڻ) ڪجھ (باقي) رهجي ويندو آهي تہ مرڻ وقت ان تي آساني ڪئي ويندي آهي ايسيتائين جو جڏهن مون سان ملندو آهي تہ ان جي نيڪين مان (ان وٽ) ڪجھ بہ (باقي) نہ رهندو جو اهو جهنم جي باھ کان بچي سگهي. (شرح الصّدور، ص 28)

## آسائشن تي خوش نہ ٿيو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن روايت جي پيشِ نظر ڳاڌيون، عمارتن، دولتن، صحتن ۽ قسم قسم جون نعمتن جي پنهنجي مٿان ڪثرت کي ڏسي ڊڄي وڃڻ گهرجي تہ ڪٿي هي دنيا ۾ نيڪين جي جزا نہ هجي ۽ غربتن، آفتن، بيمارين ۽ قسم قسم جي مصيبتن کي پنهنجي مٿان سلسلو ڏسي صبر ڪرڻ ۽ دل وڏي رکڻ گهرجي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هي آخرت جي راحتن جو پيشِ خيمہ (يعني بدلو) هجي. اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ٻنهي جهانن جون ڀلايون طلب ڪريون ٿا.

ڈر تھا کہ عصیاں کی سزا، اب ہو گی یا روزِ جزا
دی ان کی رحمت نے صدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# مصيبت جي عجيب حڪمت (حِڪايت)

حضرت سيِّدُنا اِبنِ عَبَاس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جن فرمايو تہ هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام جن پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رَبُّ الْعِزَّت! مومن ٻانهو تنهنجي **اطاعت** ڪندو ۽ تنهنجي **معصيت** (يعني نافرماني) کان بچندو آهي (پر) تون ان کان دنيا ويڙهي ڇڏيندو ۽ ان کي آزمائشن ۾ وجهندو آهين. جڏهن تہ **ڪافر** تنهنجي اطاعت ناهي ڪندو بلڪ تو تي ۽ تنهنجي **معصيت** (نافرماني) تي جرائت ڪري ٿو پر تون ان کان مصيبت دور ڪندو ۽ ان جي لاءِ دنيا ڪشاده ڪندو آهين. (آخر ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟) **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي طرف وحي فرمائي: ٻانها بہ منهنجا آهن ۽ **مصيبت** بہ منهنجي اختيار ۾ آهي ۽ سڀ منهنجي حمد سان گڏ منهنجي تسبيح ڪندا آهن، **مومن جي ذمي گناهہ ٿيندا آهن تہ مان ان کان دنيا دور ڪندي ان کي آزمائش ۾ وجهندو آهيان تہ هي** (آزمائش ۽ مصيبت) **ان جي گناهن جو ڪفارو ٿيجي ويندي آهي** ايسيتائين جو اهو مون سان ملاقات ڪندو تہ مان ان کي نيڪين جو بدلو ڏيندس. ۽ ڪافرن جون (دنياوي اعتبار سان) ڪجهہ نيڪيون هونديون آهن تہ مان ان جي لاءِ رزق ڪشاده ڪندو ۽ مصيبت کي ان کان دور رکندو آهيان تہ ايئن ان جي نيڪين جو بدلو دنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏيندو آهيان ايسيتائين جو جڏهن اهو مون سان ملاقات ڪندو تہ مان ان جي گناهن جي ان کي سزا ڏيندس. (احياء العلوم، ج. 4، ص. 162)

## هٿوهٿ سزا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رَبُّ الْاَنام عَزَّوَجَلَّ جي هر هر ڪم ۾ حڪمتون هونديون آهن. تڪليف تي صبر ڪري اجر حاصل ڪرڻ گهرجي ڇو ته آفتون ۽ مصيبتون، گناهن جو ڪفارو ۽ درجات ۾ ترقي جو سبب هونديون آهن. (يعني آفتون ۽ بلائون گناهه مٽائڻ ۽ درجا وڌائڻ جو ذريعو هونديون آهن) جيئن ته **تاجدارِ رسالت**، محبوبِ رب العزت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: **الله** عَزَّوَجَلَّ **جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي گناهه جي سزا فوري طور تي ان کي دنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏيندو آهي.** (مسند امام احمد بن حنبل، ج. 5، ص. 630، حديث. 16806)

## آخرت جي مصيبت کان دنيا جي مصيبت آسان آهي

آه! اسان ته گناهن ۾ غرق آهيون، **ڪاش!** جڏهن به ڪا مصيبت پيش اچي ته ان وقت هي ذهن ٺاهڻ نصيب ٿي وڃي ته شايد آخرت جي بجاءِ دنيا ۾ ئي سزا ڏني وئي آهي. ان طرح اميد آهي ته صبر آسان ٿي ويندو. **خدا جو قسم!** مرڻ کان پوءِ ملڻ واري سزا جي مقابلي ۾ دنيا جي سزا انتهائي آسان آهي، دنيا جي مصيبت انسان برداشت ڪندو آهي پر **آخرت جي مصيبت برداشت ڪرڻ ناممڪن آهي** ايسيتائين جو جيڪڏهن ڪو چئي ڇڏي ته مان قبر يا جهنم جو عذاب برداشت ڪري وٺندس ته اهو ڪافر ٿي ويندو.

## اسان جي حق ۾ ڇا بهتر آهي، اسان کي معلوم ناهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪندو آهي يقيناً اهو صحيح ڪندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه معاملا ٻانهن کي سمجهه ۾ ناهن ايندا پر ڪيئي ڀيرا ان جي حق ۾ انهيءَ ۾ ئي بهتري هوندي آهي. جيئن تہ پاره 2 سورة البقره جي آيت 216 ۾ ارشاد آهي:

وَ عَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ خَیْرٌ لَّكُمْۚ-وَ عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْؕ-وَ اللّٰهُ یَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ۠(۲۱۶)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالهہ اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ ڀلي هجي ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو.

## هر هڪ کي امتحان جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ايمان سان گڏ زندگي گذارڻ وارو ئي ڪامياب آهي، وڏو نازڪ معاملو آهي، شيطان هر وقت ايمان برباد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هوندو آهي. مصيبت اچڻ تي صبر ڪندي هر حال ۾ **ربِّ ذُوالْجَلَال** عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي.

پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان جو مالڪ ۽ مختار آهي. جنهن کي چاهي **بي حساب جنت** ۾ داخل فرمائي ۽ جنهن کي چاهي امتحان ۾ مبتلا ڪري صبر جي توفيق عطا فرمائي ڪري

انعام ۽ اڪرام جو مينهن وسائي. ڪامل مومن اهو ئي آهي جو هر حال ۾ ربِّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جو شڪر گذار ٿيو رهي. مصيبتن جي سبب سان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تي اعتراض ڪري پنهنجو پاڻ کي هميشه جي لاءِ جهنم جي حوالي ڪري ڇڏڻ وارو شخص تمام گهڻو بد نصيب آهي. **هر مسلمان کي امتحان جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي، خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ سيپاري 2 سورة البقره جي آيت نمبر 214 ۾ فرمانِ عبرت نشان آهي:

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تَدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ وَ لَمَّا یَاۡتِکُمۡ مَّثَلُ الَّذِیۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلِکُمۡ ؕ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ڇا اوهان هن گمان ۾ آهيو ته بهشت ۾ هليا ويندا ۽ اوهان تي اڳين جهڙي روئداد نه آئي آهي.

## ڦٽين سان گوشت رهڙيو ويندو هيو

**صَدرُ الاَفَاضِل** حضرت عَلامہ مَولانا سَيِّد مُحمّد نَعِيم الدِّين مُراد آبَادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی **خزائنُ العِرفان** صفحه 71 تي مٿي ذڪر ڪيل آيتِ ڪريمه جي تحت فرمائن ٿا: ۽ جهڙيون سختيون ان (يعني پهرين مسلمانن) تي گذري چڪيون اجا تائين توهان تي ناهن آيون. هي آيت غزوه احزاب جي متعلق نازل ٿي جتي مسلمانن کي سردي ۽ بُک وغيره جون سخت تڪليفون پهتيون هيون. ان ۾ انهن کي صبر جي تلقين فرمائي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته راهِ خدا ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ قديم(پهريان) کان خاصانِ خدا جو معمول رهيوآهي، هاڻي ته توهان کي پهرين جهڙيون تڪليفون پهتيون به نه آهن. (خزائنُ العرفان، ص 71)

”بخاري شريف“ ۾ حضرت سيِّدُنا خَبّاب بن اَرَت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضور سيِّدِ عَالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”توهان کان پهريان ماڻهو گرفتار ڪيا ويندا هئا، زمين ۾ کڏو کوٽي ان ۾ پوريا ويندا هئا پوءِ آريءَ سان چيري ڪري ٻہ ٽکر ڪيا ويندا هئا ۽ لوهہ جي ڦڻين سان انهن جو گوشت رهڙيو ويندو هيو ۽ انهن مان ڪا مصيبت انهن کي انهن جي دين کان روڪي نہ سگهندي هئي.“ (بخاري، ج. 4، ص. 386، حديث 6943)

## مصيبت لڪائڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيماري ۽ پريشاني تي شڪوه ڪرڻ جي بجاءِ صبر جي عادت بڻائڻ گهرجي تہ شڪايت ڪرڻ سان مصيبت دور ناهي ٿيندي بلڪ بي صبري ڪرڻ سان صبر جو اجر ضائع ٿي ويندو آهي. بِلا ضرورت بيماري ۽ مصيبت جو اظهار ڪرڻ بہ سٺي ڳالهہ ناهي. جيئن تہ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن جي مال يا جان تي مصيبت اچي پوءِ اُن مصيبت کي لڪايو ۽ ماڻهن سان ان جي شڪايت نہ ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.“ (معجم اوسط، ج. 1، ص. 214، حديث. 738)

## ذات جي سور جي سبب مان سمهي نہ سگهيس! (حڪايت)

حجةُ الاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَةُ اللہِ الْوَالِي نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدنا احنف بن قيس رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن

ٿا: هڪ پيري مون کي ڏاٿ (هوڙ) ۾ سخت سور ٿيو جنهن جي سبب مان سڄي رات سمهي نه سگهيس. مان ٻئي ڏينهن پنهنجي **چاچا جان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان جن جي خدمت ۾ شڪايت ڪئي ته **”مان ڏاٿ جي سور جي سبب سڄي رات سمهي نه سگهيس“** ان ڳالهه کي مان ٽي پيرا دُهرايو. ان تي انهن فرمايو: توهان هڪ ئي رات ۾ ٽيڻ واري پنهنجي سور جي ايتري شڪايت ڪري ڇڏي! جڏهن ته منهنجي اک کي ضايع ٿيندي 30 سال گذري چڪا آهن، (چاهي ڏسڻ وارن کي معلوم هجي پر پنهنجي زبان سان) مان ڪڏهن به ڪنهن سان ان جي شڪايت نه ڪئي! (احياءُ العلوم، ج. 4، ص. 164)

**الله ربُّ الۡعِزَّت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

زبان پر شکوہ رنج و الم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 32 روحاني علاج

## گمشده کي ڳولهائڻ جي لاءِ 3 عمل

1. هڪ وڏي ڪاغذ جي چئني ڪنڊُن تي يَا حَقُّ لکي اڌ رات جو يا ڪنهن به وقت ٻنهي هٿن تي رکي ڪليل آسمان جي

هيئنان بيهي دعا ڪريو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ يا تہ گمشده فرد واپس اچي ويندو يا ان جي خبر ملي ويندي. (مدّت: مراد حاصل ٿيڻ تائين)

2. 40 ڏينهن تائين روزانو ٻہ رڪعتون نفل پڙهي يَاحَيُّ يَا قَيُّوْمُ 119 ڀيرا پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڀڄي ويل شخص واپس اچي ويندو.

3. جيڪڏهن ڪا شيء گم ٿي وڃي يا ڪو شخص غائب ٿي وڃي تہ لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰهُ 1008 ڀيرا پڙهو، الله عَزَّوَجَلَّ چاهيندو تہ گمشده شيء يا ماڻهو ملي ويندو. (مدّت: مراد حاصل ٿيڻ تائين)

## گمشده انسان، گاڏي ۽ مال واپس ملندو

(اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ)

4. الله رَبُّ الْعِزَّت جي رحمت تي مضبوط ڀروسي سان گڏ هلندي ڦرندي، با وضو بي وضو گهٽي ڪان گهٽي تعداد ۾ يَا رَبِّ مُوْسٰى يَا رَبِّ كَلِيْم- بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهندا رهو. انهيءَ دوران ڪجهہ درود شريف بہ پڙهي وٺو. گمشده انسان، سون، مال، گاڏي وغيره ملي ويندا. بلڪ ٻين حاجتن جي لاءِ بہ هي عمل مفيد آهي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

## حاجتون پوريون ٿيڻ جي لاءِ 3 عمل

5. يَا اللّٰهُ 39 ڀيرا لکي ٻانهن تي ٻڌي يا ڳلي ۾ پائي جنهن حاڪم يا آفيسر وٽ جنهن جائز ڪم جي لاءِ ويندو

اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو ان جي حاجت پوري ڪندو.

6. يَا ذَا الْجَلَالِ وَ الْاِكْرَام 321 ڀيرا پڙهي حسبِ توفيق ڪا مني شيءِ ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مراد پوري ٿيندي.

7. قَلَّتْ حِيْلَتِيْ اَنْتَ وَسِيْلَتِيْ اَدْرِكْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم[1] اُٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي، با وضو بي وضو پڙهندا رهو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مراد پوري ٿيندي.

## برف باري روڪڻ جي لاءِ

8. يَا حَافِظُ،يَا خَافِضُ لوهه جي تئي تي پنين طرف الله عَزَّوَجَلَّ جا هي ٻئي مبارڪ نالا آگر سان لکي آسمان جي هيٺان رکي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ برف باري بند ٿي ويندي.

## دشمن کان حفاظت جا 4 وظيفا

9. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ هلندي ڦرندي، اٿندي ويهندي ڪثرت سان پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن جي شر کان حفاظت ٿيندي ۽ رحمتِ ربِّ غفار عَزَّوَجَلَّ سان دشمن جي چالاڪي ۽ فريبي جا سيئي وار خالي ويندا.

10. يَا قَابِضُ،يَا بَاسِطُ 30 ڀيرا روزانو پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن تي فتح حاصل ٿيندي.

---

[1] ترجمو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا حيلا ختم ٿي ويا اوهان ئي منهنجا وسيلا آهيو مون کي سنڀاليو.

www.dawateislami.net

11. يَا حَافِظُ، يَا حَافِظُ 500 ڀيرا پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن جي صدمي کان حفاظت ٿيندي.

12. جيڪڏهن طاقتور دشمن کان جان ۽ مال جو خطرو لاحِق هجي تہ هر نماز کان پوءِ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام 421 ڀيرا (اول آخر هڪ ڀيرو دُرُود شريف) پڙهو پوءِ روئي روئي حفاظت جي دعا ڪريو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن جي شر ۽ فساد کان محفوظ رهندا.

## ٻيڙي (۽ هر طرح جي سواري) جي حفاظت جا ۾ وظيفا

13. ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ کان پهريان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 21 ڀيرا پڙهڻ واري جو سڄو سفر اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آرام ۽ سڪون سان گذرندو ۽ اها ٻيڙي ٻُڏڻ کان بچيل رهندي.

14. ٻيڙي يا ڪنهن بہ سواري تي سوار ٿيڻ وقت يَاحَيُّ يَا قَيُّومُ 132 ڀيرا پڙهي وٺندا تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رستي جي آفتن کان حفاظت ٿيندي ايستائين جو زوردار طوفان ۾ بہ ٻيڙي ٻُڏڻ کان بچيل رهندي.

## سفر ۾ آساني ۽ ڪاميابي جا ۾ عمل

15. سفر شروع ڪرڻ کان پهريان لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 11 ڀيرا پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سفر ۾ آساني ٿيندي.

16. لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 49 ڀيرا لکي سفر ۾ گڏ رکڻ سان گهر اچڻ تائين زميني ۽ دريائي آفتن کان حفاظت رهندي ۽ جنهن

مقصد جي لاءِ سفر ڪيو هو ان ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي.
اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ

## شادي جي رڪاوٽ جا 3 روحاني علاج

17. جن ڇوڪرين جي شادي نہ ٿيندي هجي يا مڱڻي ٿي ٽٽي ويندي هجي تہ اها نمازِ فجر کان پوءِ يَا ذَا الْجَلَالِ وَ الْاِ کْرَام 312 ڀيرا پڙهي پنهنجي لاءِ نيڪ رشتو ملڻ جي دعا گهري، اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ جلد شادي ٿيندي ۽ مڙس بہ نيڪ ملندو.

18. يَاحَیُّ يَا قَيُّوْمُ 143 ڀيرا لکي تعويذ ٺاهي ڪنوارو پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌي يا ڳلي ۾ پائي ڇڏي اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ ان جي جلد شادي ٿي ويندي ۽ گهر بہ سٺو هلندو.

19. ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي رشتي ۾ رڪاوٽ هجي يا ان ۾ بندش جو گُمان هجي تہ روزانو نمازِ فجر کان پوءِ باوضو هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط سان گڏ سُوْرَةُ التِّيْن 60 ڀيرا پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ چاليهہ ڏينهن جي اندر اندر ڪم ٿي ويندو.

## حادثن کان حفاظت وارو عمل

20. بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ[2] (ابو دائود، ج 4، ص 420، حديث 5095) هڪ صاحب جو چوڻ آهي: گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي (مٿي ڏنل) دعا جڏهن کان پڙهڻ شروع ڪئي

[2] ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو، برائي کان بچڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوت الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي طرف کان آهي.

آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترن ئي حادثن کان بچي ويو آهيان خبر ناهي تہ ڪيترا ڀيرا تہ منهنجي گاڏي جا شيشا ٻين گاڏين سان ٽڪرائجي ويا آهن پر الله جي فضل سان ڪو حادثو يا نقصان نہ ٿيو آهي.

## مقدمو کٽڻ جي لاءِ 2 عمل

21. جيڪو ناجائز مقدمي ۾ ڦاٿل هجي، مقدمي جي تاريخ واري ڏينهن يَا ذَا الۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام 654 ڀيرا پڙهي ڪورٽ ۾ وڃي، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فيصلو ان جي حق ۾ ٿيندو.

22. وَ قُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَ زَهَقَ الۡبَاطِلُ ؕ اِنَّ الۡبَاطِلَ كَانَ زَهُوۡقًا ﴿۸۱﴾ (پ. 15، بني اسرائيل: 81) مقدمي جي ڪاميابي جي لاءِ روزانو ڪنهن بہ هڪ نماز کان پوءِ 133 ڀيرا پڙهو. حق تي هجو تہ پڙهو جو ناحق پڙهڻ وارا خود بخود مصيبت ۾ گرفتار ٿي سگهن ٿا.

## چلّہ ڪشي ۾ ڏک/نقصان ڪاڏو هجي تہ

23. يَا وَاحِدُ 3000 ڀيرا 11 ڏينهن تائين روزانو پڙهو. (اول آخر يارنهن يارنهن ڀيرا درود شريف پڙهو) اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل پُر سڪون ٿي ويندي.

## قيد کان آزاد ٿيڻ جا 2 عمل

24. جيڪڏهن ڪو شخص ظلماً قيد ٿي ويو هجي تہ گهمندي ڦرندي، اٿندي ويهندي يَاحَيُّ يَا قَيُّوۡمُ ڪثرت سان پڙهي ۽

يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ ڪاغذ تي لکي تعويذ ٻڌائي پائي ٻه ڇڏي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ جلد آزاد ٿيندو.

25. لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ڪثرت سان پڙهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ قيد کان آزاد ٿي ويندو.

## کوهه يا نديءَ جي پاڻي جي گهٽتائي جا روحاني علاج

26. جيڪڏهن ڪنهن کوهه يا نديءَ جو پاڻي گهٽ ٿي وڃي ته نڪريءَ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط لکي ان کوهه يا نديءَ ۾ وجهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ پاڻي ۾ برڪت ٿيندي.

## دڪان، گهر، خاندان ۽ سامان جي حفاظت جا 5 عمل

27. دڪان يا گهر يا مال ۽ اسباب تي روزانو يَا اللّٰهُ 49 ڀيرا پڙهي دم ڪيو وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ مختلف نقصانن کان حفاظت ٿيندي.

28. لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 69 ڀيرا ڪاغذ تي لکي (يا لکرائي) فريم ٻڌائي گهر يا دڪان وغيره ۾ لٽڪائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ اتي آسيب نه ايندو ۽ جيڪڏهن پهريان کان هوندو ته ڀڄي ويندو.

29. لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙهي جيڪڏهن استعمال جي شين تي دم ڪيو وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ حفاظت به ٿيندي ۽ برڪت به.

30. رقم ۾ هر قسم جي شين جي ليڻ ڏيڻ (يعني ڏيڻ ۽ وٺڻ) کان پهريان يَآ ذَا الْجَلَالِ وَ الْاِكْرَام 21 ڀيرا پڙهڻ جي جيڪو عادت بڻائيندا، اهي اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ انهن معاملن ۾ نقصانن کان بچيل رهندا.

31. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 65 ڀيرا لکي پاڻ وٽ رکڻ وارو اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ظالمن جي ظلم کان محفوظ رهندو.

## مٽي جي سور کان منٽن ۾ ڇوٽڪارو

(بيان ڪيل طبّي ۽ ديسي علاج پنهنجي طبيب جي مشوري سان ڪريو)

هڪ چمچو ڪنڊ ۾ ٻه عدد وڏن ڦوٽن جا داڻا ڪڍي وات ۾ رکي ڇڏيو. ۽ انهن کي چيڳم وانگر چٻاڙيندا ۽ چوسي چوسي رس پيئندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ تقريباً پنجن منٽن ۾ شديد مٽي جي سور کان ڇوٽڪارو ملندو، ڪجهه ڏينهن جي استعمال سان اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ مٽي جي سور جو مرض ختم ٿي ويندو. شوگر جو مريض کنڊ جي بجاءِ 12 عدد سائي ڦوڏني جا پن وڏن ڦوٽن سان گڏ استعمال ڪري.

## يورڪ ايسڊ جو علاج، مُوري ۽ ليمي سان

هڪ وچولي سائز جي مُوري جا ٽڪرا ڪري ان تي هڪ ليمو چٽي ڇڏيو، ٻيا لوڻ مسالا وجهڻ جي بغير نيراني ڪائي ڇڏيو. هڪ ڪلاڪ تائين ٻي ڪا شيءِ نه کائو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ "يورڪ ايسڊ" نارمل ٿي ويندو. (هي عمل 7 ڏينهن تائين ڪريو)

## شوگر، ڪوليسٽرول ۽ هائي بلڊ پريشر جو آسان علاج

ڪريلو ڇلي سُڪائي ڇڏيو، پوءِ ٻج سميت پيهي ڪري پائوڊر ٺاهيو، صبح ۽ شام اڌ اڌ چمچو ڪائڻ سان شوگر، هائي بلڊ پريشر ۽ ڪوليسٽرول جي مرض ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

## مختلف بيمارين ۽ پريشانين جو روحاني علاج

32. جسماني، نفسياتي، مختلف بيمارين، ٽينشن، ڊپريشن، اثرات، نظرِ بد ۽ بندش وغيره جي لاءِ هڪ عجيبُ الاثر عمل آهي. سڀ گهر وارا جيڪڏهن هي عمل ڪندا رهن ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ گهريلو ناچاقين ۽ پريشانين کان ڇوٽڪارو ملندو، گهر امن جو گهوارو بڻجندو.

فجر جي ٻن سنّتن ۽ ظهر،مغرب ۽ عشاء جي فرضن کان پوءِ وارين سنّتن ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه کان پوءِ قرآنِ ڪريم جون آخري 6 سورتون هن طرح پڙهو: پهرين رڪعت ۾ سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْن، سُوْرَةُ النَّصر ۽ سُوْرَةُ اللَّهَب ۽ ٻين رڪعت ۾ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الفَلَق ۽ سُوْرَةُ النَّاس پڙهو. هر سورة جي ابتدا ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط پڙهو. (مدتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين) ڪڏهن ڪڏهن هي سورتون ڇڏي ڪا ٻي سورة پڙهي ڇڏيو.

مڪتبةُ المدينہ جي جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد اوّل صفحه 548 تي مسئلو نمبر 30 آهي: سورتن جو معين (Fix) ڪري

ڇڏڻ تہ ھن نماز ۾ ھميشہ اھا ئي سورت پڙھندس ، مڪروه (تنزيھي) آھي، پر جيڪي سورتون حديثن ۾ وارد آھن اھي ڪڏھن ڪڏھن پڙھڻ مستحب آھي، پر مُداومت (يعني ھميشگي) نہ ڪريو تہ ڪير واجب نہ گمان ڪري.

### ھي رسالو پڙھي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرس ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراھڪن کي ثواب جي نيت سان تحفی ۾ ڏيڻ جی لاءِ پنھنجی دکانن تی بہ رسالا

طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت
و بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



23 صفر المظفر 1437ھ
06_12_2015

## ماخذ ومراجع

| ڪتاب | مطبوعہ | ڪتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | | تنبيہ المغترين | دار المعرفۃ بيروت |
| خزائن العرفان | مكتبۃ المدينہ باب المدينہ كراچی | احياء العلوم | دار صادر بيروت |
| بخاری | دار الكتب العلميۃ بيروت | مكاشفۃ القلوب | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | عيون الحكايات | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| ابوداود | دار احياء التراث العربی بيروت | شرح الصدور | مركز اہلسنت بركات رضا الہند |
| مسند امام احمد بن حنبل | دار الفكر بيروت | شواہدالنبو ة | مكتبۃ الحقيقۃ استنبول |
| معجم اوسط | دار الكتب العلميۃ بيروت | بہار شريعت | مكتبۃ المدينہ باب المدينہ كراچی |
| الفردوس بمأثور الخطاب | دار الكتب العلميۃ بيروت | معلم تقرير | قادری پبلشرز مركز الاولياء لاہور |
| المرض والكفّارات | المكتبۃ العصريۃ بيروت | ★★★★★ | ★★★★★ |

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُنّين سُنّين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







www.dawateislami.net

MAKTABA TUL MADINAH

MC 1286


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net